# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ،1997

# SINDH ORDINANCE NO. IV OF 1997

# اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

## فهرست (Contents)


فهرست
Content
تمهيد
Preamble
دفعات
Sections
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ، 1997
# SIND ORDINANCE NO. IV OF 1997
# اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997
# THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[19 فيبروري، 1997]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي جيڪا هن ريت هوندي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

(1). هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ 1964 (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ دفعہ 25ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي.

[ A-25ڪيسن جي منتقلي] (1) جيستائين ڪجھ ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، هاءِ ڪورٽ ڪنهن ڌر جي درخواست تي يا پاڻمرادي نوٽيس تي، لکت ۾ جاري ڪري سگهي ٿي.

(a) هن ايڪٽ تحت ساڳي ضلعي ۾ هڪ فيملي ڪورٽ کان ٻي فيملي ڪورٽ ڏانهن ڪو مقدمويا ڪاروائي منتقل ڪرڻ يا هڪ ضلعي جي هڪ فيملي ڪورٽ کان ٻئي ضلعي جي ٻي فيملي ڪورٽ ڏانهن ڪو مقدمو يا ڪاروائي منتقل ڪرڻ ۽

(b) هن ايڪٽ تحت هڪ ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ کان ٻي ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڏانهن ڪا اپيل يا ڪاروائي منتقل ڪرڻ

(2) ڪابہ عدالت جنهن کي مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعہ موجب مقدمو، اپيل يا ڪاروائي منتقل ڪئي وئي آهي، جيستائين ڪجھ هن ايڪٽ جي متضادنہ هجي، ان کي اڪلائڻ جو ائين اختيار حاصل هوندو جڻ اها ان وٽ داخل ڪئي وئي هئي،

بشرطيڪ ڪنهن مقدمي جي منتقلي تي، اهو ضروري نہ هوندو تہ جنهن جج جي سامهون نئين سر ڪاروائي لاءِ اهو رکيو وڃي تہ جج لکت ۾ سبب ڄاڻائي، يا ٻي صورت ۾ هدايت ڪري“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**